پوڳڻ بدران ماڻيون جيون،
جيون کي ڪوئي سارُ ملي.

پيارَ سان ناتو، آهِ جن جوڙيو،
گھر اُنهن جي وڃي، رَهي خوشبوُ!

شوخ طبيعت، گھُنڊيل چهرا،
جڻ ٿاندا ئي ٿاندا ماڻهو!

# غزلن جي گوُنج

(غزلن جو انتخاب)


| | | |
|---|---|---|
| ليکڪ | : | بي.ڪي. هوتچنداڻي |
| ڇاپو | : | پهريون |
| ڪاپيون | : | ٥٠٠ |
| سال | : | ٢٠١٨ |
| قيمت | : | رپيه ٢٠٠ |
| پبلشر | : | بي.ڪي. هوتچنداڻي<br>بي-٧٠٣، سنگات پائلون، ڪوٽيشور، موٽيرا، احمدآباد-٣٨٠٠٠٥ |
| ٽائيپ | : | مهالڪشمي اِنٽرپرائيز<br>٢٨٠، راجاوير، ڪبيرنگر، احمدآباد-٣٨٢٣٤٠ |
| ٽائيٽل ڊزائين | : | مهالڪشمي ٽريڊرس |
| پرنٽر | : | درشن پرنٽرس، باپونگر، احمدآباد. |

گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ (گانڌينگر) جي مدد سان ڇپايل

# GHAZALUN JI GOONJ

(COLLECTION OF GHAZALS)

| | | |
|---|---|---|
| Poet | : | **B.K. HOTCHANDANI** |
| Edition | : | **1st** |
| Copies | : | **500** |
| Year | : | **2018** |
| Price | : | **Rs. 200/-** |
| Published by | : | **B.K. HOTCHANDANI**<br>B-703, Sangath Pylon, Koteshwar,<br>Motera, Ahmedabad-380005 |
| Type Setting | : | **MAHALAXMI TRADERS**<br>280, Rajavir, Kubernagar,<br>Ahmedabad-382340. M. 9925359021 |
| Printed by | : | Darshan Printer<br>Bapunagar, Ahmedabad. |

(with the financial help of Gujarat Sindhi Sahitya Academy, Gandhinagar.)


www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

## ”نردوش“ هڪ وڏي سمياونا

قدرت شاعر کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي: ”سونهن جا جهلڪا، سواس، سُر-پوءِ اُهي پلي گجڻ ۾ هجن يا وسڻ ۾ - ۽ وڏي ڳالهه ته پريرڻا، اَلبت، ڪنهن رچنا جو معيار اُن حقيقت تي منحصر هوندو آهي ته رچناڪار پاڻ پنهنجي رچنائن جو ڪيڏو وڏو نقاد آهي، ’نردوش‘، جيڪو هاڻ بي.ڪي. هوتچنداڻيءَ جيڪو جي نالي سان شعر گوئي ڪري ٿو) جيئن اَڳ۾ چيو اٿم، وڏي سمياونا آهي:

ٽوڪ ٽوڪ وچ ۾ آ ڪيڏي!
ڏينهن سڄو ئي اُپ گجندو چا؟
پيشانيءَ تي پوندون پگهر جون،
گل تي سرڪيون ماڪَ ڦُرا تي!

روايت ڪنهن به شاعر لاءِ ميسر ڪندي آهي، هن کي وڪاسيندي آهي. هر شاعر لاءِ نئون اُپّ ڇُهڻ لاءِ اِهو وڪاس ضروري آهي. ڪير ڪونڊيءَ جو ٻوٽو ٿو بڻجي يا شاهي ٻڙ، اِهو ته شاعر جي اِڇا شڪتيءَ تي مدار ٿو رکي. نردوش جي حالت ۾ نواڻ ۽ روايت هٿ ۾ هٿ جهلي بيٺيون آهن.

ڪاسائيءَ جو گهر ڪترپڻو،
اِنسانيت جا ڪنڌ ڪپايون!
اک هنئين تو لکي ستارن کي،
سا، خبر پهتي آ، نظارن کي!

مون کي ’سُواس سُواس ۾ سرهاڻ‘ پوري اعتماد سان اِهو چوڻ لاءِ آمادهه ڪيو آهي ته هيءُ مجموعو سندس اَڳين مجموعن کان مٿيرو ٿي بيٺو آهي. هن جو شاعر بزنيسمئن جي دٻاوَ هيٺ گهٽجي نه ويو آهي.

**- واسديو موهي**

(سُواسَ سُواسَ ۾ ’سرهاڻ‘ تان)



books.sindhsalamat.com

## پنهنجي طرفان

غزل چڻ ڪا حسينا آهي، ائين لڳندو آهي پر، اُها شوخ حسينا آهي، جنهن جي شوخي ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌ جهڪارائي ڇڏيندي آهي. شاعريءَ جي ٻين صنفن کان غزل لکڻ ذرا ڪنن ڪم آهي. غزل جو مفهوم ٻين فارمن کان نرالو پر، نزاڪت وارو آهي. گائڪيءَ ۾ آٽڻ، گائڪن لاءِ، ٻين ڪوتائن کان پڻ مشڪل هوندو آهي. ٻڌڻ ۾ جيڪو لطف غزل ڏيندو آهي. اهڙو آنند ڪو گيت يا ٻيو شعري فارم نه ڏئي سگهندو آهي، اهڙو منهنجو خيال آهي.

اَڳ۾ ته غزل جا وڏا وڏا وزن اُپيوگ ۾ ايندا هئا، پوءِ اُهي فلمن ۾ هجن يا خانگيءَ طرح عمل ۾ اچن. هاڻي ته لڳ ڀڳ ننڍا وزن ڪتب اچن ٿا.

- پوڳڻ بدران ماڻيون جيون،
جيون کي ڪو ئي سارُ ملي.
- پيارَ سان ناتو، آهه جِنِ جوڙيو-
گهر اُنهن جي وچي، رهي خوشبوُ!
- شوخُ طبيعت، گُهنجيل ڇهرا،
چڻ ٽانڊائي ٽانڊا ماڻهو!

اَڳ۾ جهونا شاعر: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن (چار رڪن) فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن جهڙا وزن اڪثر ڪم آڻيندا هئا. علم عروض ۾ فعولن فعولن فعولن فعولن (۴ رڪن) هڪ پيارو ۽ نيارو بهر وزن ڪري ليکيو ويو آهي. هنديءَ ۾ مغل-اي-اعظم‘ پڪچر ۾ به ٽي غزل ’فعولن‘ تي رچيا ويا هئا، جنهنجو شاعر سدا حيات شڪيل بدانوي هو. اُنهن جا ٻول آهن:



www.sindhsalamat.com

گُلَ تي سرڪيون ماڪَ ڦُڙا تي!
- اَڪِ هئين تو لڪي ستارن کي،
سا، خبر پهتي نظارن کي !
- ٻَڻُ ڪڪر ڪارو، اُپ ۾ پرپور،
آسَ نديءَ جي وَسي، ٻجهائي چڏا!

بي.ڪي. هوتچنداڻيءَ روماني شاعري بہ چڱي چوکي رچي آهي، ڏسو سندس هينيان شعر :

گُلستان تون سونهن جو پاسين سدا-
جت نظر ڪڻ، تازگي آهي صنم!
- گُلَ تہ ٽڙندو آ بسنتي مند ۾-
تون ٽِڙين تي چيٽ ۾ پڻ ڪتيءَ ۾!
- پيار سان ناتو آهہ جن جوڙيو،
گهر اُنهن جي وچي رهي خوشبو!
- حسينن جو چهرو وٽي تو گهڻو،
اکين جو اِشارو چٽي تو گهڻو!

جيتوڻيڪ مون نثر ۾ پڻ ڪي ادبي سُرهاڻ سان پريل ڪتاب ڇپايا آهن، جن ۾ 'نام ڪنيا ناٽڪنويس' ۾ هري دلگير هڪ اپياس، تہ بہ منهنجي رُچي شعر گوئي سان گهڻي آهي. جڏهن ڪ بہ ڪتاب سنڌيءَ مان گجراتيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيا آهن، ترجما ڪرڻ حالات تي منحسر آهي، خاص طور سيمينارن ۾ پيپر لکي پڙهڻ جي شوق مون کي نثر سان جوڙي ڇڏيو آهي. مون کي چوندي پلي فخر نہ ٿئي، پر خوشي ضروري ٿئي ٿي تہ مون کي پنج گجرات سنڌي ساهت اڪادميءَ جا انعام، اين.سي.پي.ايس.ايل. (دهلي) پاران 'پرياورڻ جو پرتاب' (ڪوتا) ۽ 'سُواس سُواس ۾ سُرهاڻ' ڪتاب تي انعام عطا ٿيل آهن. انعام، اڳتي وڌڻ جي پريرڻا ڏيندا آهن، پر شوق جو شعلو، ساهت رچنا ڪاريہ کي ادبي حلقن ۾ روشن



ڪندو آهي.

سکيو جِئَڻ جو فن، جو ناهي،
پل پل پيو سو، مرندو آهي.

اِن شعر سان 'پنهنجي طرفان' ليک سندو مواد اِتي پورو ڪريان ٿو.

مان شڪرگذار آهيان گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادمي گانڌينگر جو جنهن مالي مدد ڏيئي ڪتاب ڇپائڻ جي منظوري ڏني آهي، مان شڪرگذار آهيان ڊا. ڄينو لالواڻيءَ جو، ڊا. روشن گولاڻيءَ جو هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ مدد ڪئي.

**- بي.ڪي. هوتچنداڻي**

گلن جي ٿِي خوشبوءُ لُٽائي هوا،
تڏهن ٿي دلين کي لُڀائي هوا!

ٿي پيغام آڻي پرينءَ پار جو،
هٽي ٽپڪي مون کي سڏائي هوا!

گناهن جي بدبوءُ ڏنگي ٿي وچيس،
تڏهن غم کي ڪيئن ٿي لڪائي هوا!

فسادن جي راهن تان گذري جڏهن-
تڏهن ڪَنڌُ پنهنجو جُهڪائي هوا!

ڏِسي ماڻهپو جي، ٻَمَن وات ۾-
ٿي خاموش، افسوس ڪائي هوا!

ڪَڪرَ کي ڇُهي ٿِي ٿڪاوت پچي،
وَسي مِينهَنُ، نغمو ٿي ڳائي هوا!

چو خود غرض ’نردوش‘! ماڻهو ٿيو،
پُڇڻ لاءِ هِمَت جتائي هوا!



books.sindhsalamat.com

سنڌ ڇڏي، گذري وئي وَهِي
جِندُ سان جڙيل ساروُن آهن!

رشتن جا گهر، چاهه سان اَڏيا-
ديوارن ۾ ڏاروُن آهن!

رهي مَنُ سدا رنجهه ڪنجهه ۾ ئي-
ڇا ٿيو، موٽر، ڪارون آهن !

درد جِنين جي دل ۾ وسن ٿا،
آٿُت تِنِ لئه داروُن آهن!

ڪِرندا نه اُهي سَچ جا وَڻَ،
پُختيون جِنِ جون پاڙون آهن!

دل جي سُرندي تي هليو هَٽُ-
موجَ ۾ تڏهن تارون آهن!

عشق هنن لئه پوڄا آهي،
اڪثر رکندا ٿارون آهن!

’نردوشَ‘! خزان جڳ جي چمن ۾
دل جي چمن ۾ بهارن آهن!



www.sindhsalamat.com

سازُ اهڙو ئي ٿو وڄي شايد
زندگي ٿهڪ ٿي لڳي شايد!

ڇو خفو ٿو لڳي شغل هرڪو؟
مُرڪ ئي رُسندي ٿي وڃي شايد!

جي، چئو سچ، گلو بہ ٿو وڍجي،
حق ڪان محرور ڪو رهي شايد !

ڪئن پنهنجا، وچن پري ٿيندا؟
ساٿ ڏک ۾ نہ ڪو ڏِئي شايد !

ماڻهپو هيئَن جي، موڪلائيندو-
روحُ ڪنهن ڪُنڊ ۾ رُئي شايد!

پَلَ وچن ٿا هٿن مان ڪسڪي ڇڻ-
ڪوئي پاڇي کي جِئن جهلي شايد!

ڪهڙو يُگ آهہ هي، هلي رهيو؟
ڏاڍَ جو ڏرُ، ظلم ڪري شايد!

آهِہ ’نردوش‘ ! هت فضا اهڙي-
آهَہ هرڪو ٿڌي پري شايد!



سچا يارَ ياري نڀائي وڃن ٿا،
فضا پاڪ ساري بڻائي وڃن ٿا !

اچن سونهنَ سِرهاڻ خود سان کڻي ٿا-
سدا راڳ عشق جو، ٻڌائي وڃن ٿا !

پويتر اُنهن جي سدا پريت پاسي،
اُهي پربت پنهنجي نڀائي وڃن ٿا!

اچن جهولُ پنهنجو گُلن سان ڀري ٿا
خزانو خوشيءَ جو لُٽائي وڃن ٿا!

ڏين ڇَڄَنُ ٿا پيار جو جيءَ کي، ٿا جي-
دِلي دردُ کِن ۾، مِٽائي وڃن ٿا!

اچن صبر جا پير ڏيري کڻي جي-
شرافت جو سرمو، سي پائي وڃن ٿا!

شرافت جو جامو ٿو پائي هلي،
ڪُلي عام ٿو ڪوڙو گهمي ۽ ڦِري !

پڇي ڪو، نہ سچ جو هتي پاندو ڪو-
ٽُٽڻ بعد ٿو سو، ڏکيو هِتِ ٺهي!

ٿي مغروري اوگڻ ئي سڄي هتي،
سدائين اُها ٿي گلا-باعث بڻي!

لڳي آسَ سکن جي تِکي ٿي سدا،
سهڻ بعد پر سُک، اسان کي ڏئي!

هلي تيز رفتار سان ٿو هي جڳُ-
انهيءَ سان قدم ٿو وڌائڻ وڻي

ڪيو پَلَ نہ برباد هڪ پيءِ، ڇوجو
وڃڻ بعد هرگز نہ موٽي اَچي!



ياد پنهنجي پُلائي ٿو وڃي،
درد دل ۾ جڳائي ٿو وڃي!

آهہ معصوم هن جو من ٻڙهي
روُح پنهنجو ريجهائي ٿو وڃي!

راهہ دائم اَصوُلَ جي ٿو وٺي،
سُک صدين جو پائي ٿو وڃي!

ڪين ڪنهن سان ڪڏهن عداوت ڪا-
يارُ سڀ کي بڻائي ٿو وڃي!

چال جڳ جي تہ آ سمجهڻ ڏکي-
سمجهيِ ’نردوش‘ ڇو پلائي ٿو وڃي؟

سياڻيپ سدائين ٻڌي يار آهي،
ڏسِي سو، خوشيءَ ۾ ٿي پيار آهي!

ڏسان ٿو وفائن جي ڪشش محب ۾،
حياتيءَ ۾ آيو، نکار آهي !

هجي ساڻ مون سان سچڻ ٿو جڏهن پي،
چون سڀ ٿا ’منهنجو هي دلدار آهي!‘

ٻڌي منهنجي دل بي قرار آهي،
ٻڌي دل تہ ازخود ٿي بيقرار آهي!

بنا يار جي اُف! رهون بي چئن ٿا،
جدائي تہ ’نردوشَ‘! هڪ بار آهي!


books.sindhsalamat.com

دؤرُ شوخي ٻپا ٿيو آهي،
حُسنُ شايد خفا ٿيو آهي!
درد، دل جو وڏي ويو ايڏو-
خود ئي شايد دوا ٿيو آهي!
روز چهرا نوان ڪي چهري تي-
ٻوهڻ هيِ، جابجا ٿيو آهي!
مهربان آهي يارُ چو مون تي؟
قرض شايد ادا ٿيو آهي!
دنگا هلندا ڏسون ڏرَمَ تي ٿا-
خلق کي هاڻ ڇا ٿيو آهي؟
لوڏِ جي هَنِسَ ملڪ مان نِڪِرَن-
راڄ ڪانون ٻپا ڪيو آهي!
ٻاءُ کي ٻاءُ سان ڏسي لڙندو-
ڇڻ لڳي اڄ، خدا آهي!
جنگِ ’نردوش‘! ڪين ٿا چاهيون-
شُپ اِڇا مان بہ ڇا ٿيو آهي؟


www.sindhsalamat.com

لڳي هتي سڀ تنهنجو منهنجو-
مگر نہ آهي ڪجهہ ڀي ڪنهن جو!

چهرو اصلي آ، يا نقلي؟
جاچيو پهرين چهرو پنهنجو!

مُنهن تہ وقت کي ڏيٺو آهي-
ويندو گذري اَهنجو، سَهنجو!

٨

ننڊ ۾ ايندا سپنا آهن-
ٿِي نہ پوي کو، ساپيا تُنهنجو!

رڻ پَٽُ آهي دنيا اُن لئہ-
روز تپائي، جو من پنهنجو!

قسمت پڻ ٿي چمڪي اُن جي-
جاڳندو رهي ڪرم ٿو جنهنجو!

خونُ خَرابو اڪثر ڏسجي،
ياسي هِت ٿو هر پل اَهنجو!



books.sindhsalamat.com

ڪئي ترقي ڪيڏي نہ اِنسان آهي،
ڏسي موت کي پر، پريشان آهي!

ڪئي جڳ ۾ ايجاد ماڻهوءَ بمن جي-
تباهيِ ڏسي خود پشيمان آهي!

وگياني وڃي چنڊ تي پهتا تہ بہ ڇو؟
سلامت نہ ڌرتيءَ تي اِنسان آهي!

”ڪريون ڪرم جهڙو، ملي ڦل بہ اهڙو“-
اِهو ئي تہ گيتا جو فرمان آهي!

ڪڏهن ڪين ٿا ڇو ٻڌون آتما کي-
تڏهن ئي وڪارن جو گهمسان آهي!

فنا شيءِ هرڪا، بقا پڻ نہ دنيا-
هتي هرڪو ماڻهو پہ مهمان آهي!

ڪري دوَش ماڻهو بڻي ڪيڏو دوشي-
رهي ٿِي جي، ’نردوَش‘، ڀڳوان آهي!



www.sindhsalamat.com

گيتَ منهنجا بہ تہ ڳائي ڪوئي،
درد پنهنجا بہ ٻُڌائي ڪوئي!

سازُ ۽ سوزُ ٿو اهڙو گهرجي-
جئن سگهي پاڻ کي بہ پائي ڪوئي!

غم ۾ گوندر ۾ ٿو جيون گذري-
خوشنما تنهن کي بڻائي ڪوئي!

ڪيسين اَنياءُ بہ سهبو آخر؟
ڳالهہ سچ جي بہ تہ سڻائي ڪوئي!

ڪنهن جا ٿورا بہ تہ ڪيڏا ڪيڏا!
تنهنجو ڪا ٿو تہ لڳائي ڪوئي!

دل جي گهاوَن کي ڏسي ’نردوش‘!
ڪاش! مرهم بہ لڳائي ڪوئي!



books.sindhsalamat.com

آ سالُ نئون آيو يارو،
هڻندو مهنگائيءَ جو نعرو.

اڄ ٻُڌن ڪان ڏيندا هوڪا،
نہ آيو ڀَلُ سستائيءَ وارو.

زور اچا ڀي آتنڪ جو آ،
نفرت جو هلي پيو ڌارو.

ديش ڀلي پيو باهہ ۾ ٻري،
وڃي اهنسان جو توُتارو.

سات عقيدو سات ڏئي بس،
اڳتي وڌندو ساهس وارو.

هر پل ٿو هڪ پيغام ڏئي،
ڪرم سان ٿئي ڀاڳ ڀلارو.

ماضيءَ کي ڇو ياد ڪريون اڄ؟
حال جو وڄاءِ ڪڻي نغارو.



www.sindhsalamat.com

پون ياد جي، رات پر جون رهاڻيون
لڳن تازيون سڀ تيون، ڪِٿ پراڻيون؟

اَچي خوشبو پياري، پريان ڪان ڪَهي هِت-
ڪليون ڪي بغيچن ۾ شايد سَرماڻيون.

ويون سيئي تمنائون لُٽجي هنن جون-
دلالن جي معرفت ڪماريون وڪاميون!

جُدا آهِ پنهنجي، غريبن ڪي دنيا-
منيون ڳالهيون تِنِ جون لڳن تيون اباڻيون!

وڻي خوُب مون ڪي پکين جو چهڪڻ-
اُڏن اُپي ۾ ڪونجون سدا گڏ، سياڻيون.

وڏي ناز سان جن ڪي پالن تا مائٽ-
ڪڍهن ڪين ڪنهن جون دڪي تين نياڻيون.

ويو وقت گذري سو، موٽي نہ ايندو-
تِڙن ذهن ۾ تيون ڪجهه ڳالهيون سهانيون.

پلي شوخ ڪيڏيون طبيعت ۾ ناريو-
سي، نوريءَ مثل نياز واريون نماڻيون!



پردو اڄ فاش ٿي ويو آهي،
حُسن شرمائجي ويو آهي.

جهيڙو جيڙبو اَگر مگر تان ڪنهن،
خوُن شايد ڪو ٿي ويو آهي!

پو هنيو طعنو ڪو تِکو اَهڙو،
ڪنڌي وانگر ڇُپي ويو آهي!

ياد مذهب نہ آ، رهيو مونکي،
ماڻهو بَس، وڏي ويو آهي!

جيئڻ وڏي آهي عمر سڀ تا چون،
هاڻي هِت سچ لهي ويو آهي!

گُلَ تہ ’نردوش‘! ڪيڏا دلڪش ها،
باغ مان ڪو چِني ويو آهي!

آگر هُجان مان قدرت ويجهو،
پوءِ تہ لڳندي فرحت ويجهو.

ڪوشش صادق جذبي واري،
آئي ازخود حسرت ويجهو.

محنت سچ ڪي خوُب نکاريو،
رهڻ گُهران ٿو برڪت ويجهو.

مندر ۾ من ڪين لڳي ٿو،
آهہ روحَ جي راحت ويجهو.

رِنجهہ ڪِنجهہ ٿي دُکي بڻائي،
جيون ۾ چڻ آفت ويجهو.

اُپَ ۾ سج، چنڊ ۽ تارا،
پَسان، هجان، جي فرصت ويجهو.

جهرڻن جا ’نردوش‘ اِشارا،
آڻن پوتر نِيت ويجهو.



ڏسجن ڪيڏا سُهڻا ماڻهو،
ڪي ڪي سِيرت وارا ماڻهو!

شوخ طبيعت، گُهنجيل چهرا،
چڻ ٿاندا ئي ٿاندا ماڻهو!

سونهن پسڻ جو هرڪو ڪانڪي،
واس وڻن ڪي، ڀَنئَڙا ماڻهو!

مُرڪ مِٺيءَ سان غم جي لڪائن،
لڳن اُهي ٿا منڙا ماڻهو!

ٻهروپين جا ٻولَ ٻہ پڌرا،
ڀَلُ تہ ڇُپائين چهرا ماڻهو!

قدر، سونهن جو ڪري نہ ڄاڻن،
سونهنَ تي ڏِين پهرا ماڻهو!

لڳن ڀَسوُن پڻ ڪڏهن ٿا،
عين اصل ۾ جهڙا ماڻهو!

’نردوشَ‘! هجن ڪي ؟ غدارَ ٻہ،
آسي پاسي خطرا ماڻهو!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻچي ٿو ٻچي ٿو زمانو ٻچي ٿو،
سچائيءَ کان هر ڪوڙو پرتي پڇي ٿو.

اَٿس دن ۾ ڪستوري، چاڙهي ڪٽي ٿو؟
تلاشڻ اُها جهنگ ۾ پيو ڀڪي ٿو.

لنگهي ڪا تہ سهڻي هتان آهہ شايد-
تڏهن سارو ماحول سرهو لڳي ٿو.

اسان ۾ تہ مستي آ طوفان واري،
تڏهن اهڙو تهڙو، اسان کان ٿهي ٿو.

ٿيو چنڊ ڪيڏو نہ بي شرم آهي،
هوُ ’نردوشّ‘! عادت کان مجبور آهي.

ڏسي سونهن مکڙيءَ کي ڪئن اک پچي ٿو!
ڪٽي لالچي نيڻ، ساگر تڪي ٿو!


books.sindhsalamat.com

ماڻهوُ اشراف ڪيڏو لڳندو هو،
ڪيئن ڪروڙين روپيا ڦٻائي ويو!

دُشمنن کي ڪري ويو پنهنجو،
ڪهڙي ترڪيب آزمائي ويو؟

چلولائي ڪئي تہ ڪا هِنَ آ،
اک هٽي چوڪري پٽائي ويو.

شانت ڪيڏو رهيو تڏهن شايد،
راز ڪيئن هوُ آ لڪائي ويو.

ڳائڻي ڳايو اهڙو راڳ جيان،
خوشي ٿي سِرُ پنهنجو هوُ ڪٽائي ويو.

هِنَ کي سڀ ڪُجهہ ڏيئي ڇڏيو آهي،
پيارُ، جادو منو هلائي ويو.


www.sindhsalamat.com

هوُ چوي ٻالھہ جا بہ ناھي چوي،
اک نہ اک سان ٿو ملائي چوي.

هوُ اُصولن جو آ پڪو ڏاڍو،
ٻالھہ ڪوڙي ٿو ٻوڪ ڦاڙي چوي.

سَچ جون ٻالھيون لڳن ٿيون ڪوُڙيون،
سَچُ بہ همٿ ڪري جُٽائي چوي.

ڪيئن بہ ترقي ڪپي اسان کي دوست!
هوُ تہ آنتڪ سان نپائي چوي.

روشني جا، هوُ چنڊ کي ٿو ڏئي،
سِچُ، سو احسان جَتائي چوي.

آهہ ’نردوش!‘ اِنڊلٽ جيون،
روشني رنگ تي پسائي چوي



پري ڪان سڃاڻي وچن ٿيون اکيون،
ڏسي مُحبُ، مُرڪي پون ٿيون اکيون!

هنيلن جي آڏو، چڙھن چوٽ ٿيون-
نِماڻن جي آڏو، جُھڪن ٿيون اکيون!

خوشيءَ مان ڪڏھن ڪيچ، ڪِل ڪِل بہ ڪن-
ڪڏھن لُڙڪ لاڙي، رُئن ٿيون اکيون!

ڏسن سونھن گُل جان جي دلڪش ڪتي-
نھاريندیون يڪ ٽڪ رھن ٿيون اَکيون!

هجرُن ننڊ ۾ تا، اُڏامي تڏھن-
ڪتي جو ڪتي سئر ڪن ٿيون اکيون!

رڪن پيد ڪنھن سان ڪڏھن ڪين سي-
سين ۾ پرينءَ کي پسن ٿيون اکيون!

پلي چو نہ آھن هوُ گوُنگيون تہ پِي،
چئي صاف سڀ سڀ وچن ٿيون اکيون!

آ ’نردوش!‘ اھڙي تہ ڪا دلڪشي-
گُلن جان ئي سھٽيون لڳن ٿيون اکيون

لڳي باهہ، ڄَرَ ڪي سهي ٿا وڃون،
جَهڪيِ تاءَ تي پر تپي ٿا وڃون!

منو واءُ آيو چمن مان ڪهي،
تڏهن خوشبو اُن جي ڳهي ٿا وڃن.

ٿئي ڏوهہ ڪوئيِ اسان کان اگر،
تہ پوءِ ڪوڙ سَهسين چئي ٿا وڃون.

رڳي هَٿِ ئي شايد آ پڪڙجي پيو،
ٻڏي ڏاڪا سيئي چڙهي ٿا وڃون.

ٿئي هارَ ها، پر نصيبن سان ئي،
ڪري ڪيڏَ ڪائيِ، ڪٿي ٿا وڃون.

ڪري ڪو ٻيِ پڇتاءُ ’نردوش‘ جي،
نديءَ جل مثل پو لهي ٿا وڃون.



نخرا زالن مثل ڪري ٿو،
يارن کي هوُ، تڏهن وٽي ٿو!

ڪم ڪو ڦاٿو اٿس اسان ۾،
حق تي مسڪا مِٺا هٽي ٿو!

شهر ۾ وٽن ڪي ڳولهيان ٿو،
چانورو ڪٿي ملي وڃي ٿو!

مورک کي ڪي سنگ ڪٿي ڀلا،
تڏهن سياڻن ساڻ گهمي ٿو!

ڪو عهدو ماڻڻ چاهي ٿو-
جي حضوريءَ ۾ سدا رهي ٿو!

ڏَنَ جي پويان ٻڪندي ٻڪندي،
سهڪيِ ڪُتي جيان پوي ٿو!

نرمل نرمل نيڻ نماڻا،
’نردوش‘ ڪکر اُتي وسي ٿو.

ٽنڱ عدوءَ جي ٽوڙٽي گهرجي
ڄڱ جي ٻانهن مڙورڻ گهرجي
ليڊزن ڪان ڪجهہ لاڀُ وٺڻ لئہ
ڪاش پٽو ٻي ٻوڙڻ گهرجي
مهمانيءَ جي موُج وٺڻ لاءِ
هِت هُتِ ڪيمو ڪوڙڻ گهرجي
اُلَٽي راهَہ سڄي ڄڱ جي آ
پنهنجو منهن بہ نہ موڙڻ گهرجي
پاڙي ڏنڊو ڪٽي ڪوڙ جو
سچ جو پانڊو ڦوڙڻ گهرجي
گيتا گيان پراڻو ٿي ويو
سَوَرِ پاڻ ڏي سوَرڻُ گهرجي
حيلي حرفت سان ڏَنُ ميڙي
ماڻڻ گهرجي، چوڙڻ گهرجي
ٻئي جا گهر ڏهَہ ويهہ ڦٽائي
پنهنجو بنگلو جوڙڻ گهرجي
ڪر نردوش! پل تون، ليڪن
ڪيتو ٻئي ڪي لوڙڻ گهرجي.



چاتي، چولين جان ٿي چلڪي،
ڦوهہ جواني مست ٿي، مهڪي!

سونهن-ٻُلن تي وٽن ڪڏون ٿيون،
دلڪشي ائين هوءَ ٿي خلقي!

نيٽن ۾ ٿس نوُر نوراني-
پيار سندي ٿي برڪا برسي!

واعدو سڄڻ اڇڻ جو ڪيو
در منهنجو ٿو هاڻي ڪڙڪي

وارن ۾ تنهنجي ڦول لڳايان-
چهاءُ لئہ هَٿُ منهنجو تڙقي!

ڪٽي نگاهون هاڻ نهاري،
تن، من منهنجو خوش ٿي چهڪي!

روحَ ته جسمن کان جدا
خالي ڪوڪا ڇا ڪبا

ٻانَگ ڏئي ڪوڙ چيو :
”ماڻهن ۾ ڪِٿ آ وفا

ملڻ سَوَن ۾ مشڪل
مِٽ، ميٽَ سچا ۽ سڪا

ڪئي چپن ڪِس ڀيهَر
ته چپائين : هي ته ڪٿا

سونهن تي وئي اغوا
شاهد اُن جي آ هوا

مؤسم مجازُ بگڙيو
موتِ مار تي آ فضا



شور شرابو آهه شهر ۾
جذبو نه آ ڪو شام، سحر ۾

رونق ٻاهرين دلڪش ڏاڍي
اندرُ ڀريل پر آه زهر ۾

ڏسجي مشڪل پنهنجائپ هِت
شهر پليو ڄڻ آهه قهر ۾

مهراڻ هجي پل موج ۾ اَڄ
قرب مگر ڪٿ آ لهر ۾

ڀڳوان ٿئي ڀڳتن تي راضي
جوش جهڪو ڇو آهه مهر ۾

هلي هتي بس، مسڪو-چسڪو
ماڻهو خوش آ چهر بهر ۾

پوک لڙڪن جي ٿي سُڻي آهي،
ٿِي ڪَڪَرُ اک، تڏهن وسي آهي!

هر قدم تي سدا ڏئي ٿي ساٿُ،
ها، سکي، هر ميارَ ٿي آهي!

پيرَ ابگتي هلن ڪٿي ٿا هاڻ؟
هارَ، هر جا ٿِي، پِٽَ لڳي آهي!

سَبزُ جا سَبز زخم دل جا هِنِ،
مَهِرَ اهڙي سدا رهي آهي!

آهہ اندر جو شيشو صاف ڪٿي؟
دوري رَبَ جي وئي وڌي آهي!

منهنجي توسان تہ دوستي آ پڪي،
ڪوتا تنهنجي تڏهن چڀِي آهي!

جيري خاطر کُهي چڏين ٻَڪَرُ-
ٻُڪَ جي صورت بہ آتنڪي آهي!

جو ونون ٿا، ڏيون ڪٿي ٿا سو،
آهہ، ’نردوش‘ بَسِ پري آهي!


books.sindhsalamat.com

اصل کي جي لڪائيندو لڄي ٿيندو-
سچاٽپ کي پلائيندو، لڄي ٿيندو

وئي ڏَرَ چڙهي آ، ڏَرَ جي مٿان ڏاڍي
جي، گذريءَ کي پڏائيندو، لڄي ٿيندو

پلڪن کي ٻُڪ ۾ ئي پڪڙي رکيو يا عمر
هٿن مان ائن وڃائيندو، لڄي ٿيندو

هڄن بي باک سهٽا گر سمندر جان
کٽي نظرون نهاريندو، لڄي ٿيندو

سُريلين ساڻ گهمندو ڪانءُ تہ بہ آخر
ڪڏهن ڪو سُرُ ملائيندو، لڄي ٿيندو


www.sindhsalamat.com

اک هنئين تو لکيِ ستارن کي،
سا خبر پهتي آ نظارن کي!

گُل چني سونهن ماڙيِ چوريءَ تو،
کيڏو شرمايو داغ دارن کي!

شاعريءَ ۾ بهار جان جوبن،
آهہ شاباس تو، مون پارن کي!

سچ کان تو روشني پني آ کيو،
چڻ لڳي، روشني منارن کي!

ڏس بڏڻ کان بچي ويا تارؤ،
دادُ ڏي ڪُک جي سهارن کي!

پيار جي هڪ گهڙيءَ جياريو آ،
سانڍيو سيني، قرب وارن کي!

مهڪ ايندي جڏهن بہ متيءَ مان،
تون ڏسج پوءِ مينهن وسارن کي!



قاعدي بنا جو، شراب پئي تو!
اُهو وڏو گُناهہ ٿئي تو!

ديش ۾ لوڪشاهي ٿي هلي-
هاڻي نہ ڪوئي نوابُ هجي تو!

نيٺ تہ پرشٽاچار، ختم ٿيندو-
ڪوشش سان چا نہ ٿئي تو؟

بي روزگاري آ وڏو مسئلو،
پنهنجي محنت تہ، قل مِلي تو!

ڪو پي بَندو پلُ ترقي ڪري-
اُن تي ڪو، چو رَنج ٿئي تو؟

راهہ سچيءَ تي هوُ، پيو هلي-
چا لاءِ پيو، اُن تي ڪلي تو؟

سِندُ چڏي، گذري وئي وَهِي،
جِندُ سان جڙيل سارون آهن!

رشتن جا گهر چاهه سان اَڏيا،
ديوارن ۾ ڏارون آهن!

رهي سدا مَنُ رنجهه ڪنجهه ۾ ئي-
چا ٿيو، موٽر، ڪارون آهن!

درد جنين جي دل ۾ وَسَنِ ٿا،
آٿُت تن لئه دارون آهن!

ڪرندا نه اُهي سَچ جا وَڻ،
پختيون جِنِ جون پاڙون آهن!

دل جي سُرندي تي آ، هليو هت-
موج ۾ تڏهن تارون آهن!

عشق هِنن لئه پوڄا آهي،
رکندا اَڪثر به ٿارُون آهن!

’نردوش‘ خزان جڳ جي چمن ۾-
دل جي چمن ۾ بهارون آهن!





ڪين ڪو مونکان حال پُڇي ٿو،
ڪوَيلُ مستيءَ ۾ رهي ٿو!

سَچُ ته ڪڏهن ڳالهائي ڪٿي ٿو؟
پنهنجو ڪوُڙ لڪائي چڏي ٿو!

زبان ٿَسِ ڪوُڙي زهر ئي-
تڏهن به ٻولي منو وڃي ٿو!

آئيني آڏو اچي ڪٿي ٿو؟
عيبَ لڪائي گهمي ڦِري ٿو!

ڪمزورن تي ٿو رعب ڄمائي-
طاقتورن کان ڊِڄي هلي ٿو!

اڳتي تڪڙو وَڌي زمانو-
ڀُگ، وگيان جو هاڻِ هلي ٿو!

مورک، ماڻهوءَ کي ڏکيو ٻڌائڻ-
ساهه سياڻپ جو هوُ ڪٽي ٿو!

’نردوش‘ ڏسو آ، هوُ ڪيڏو!
اولِر وهئن ۾ هوُ جهلي ٿو!!

گھنگھروءَ جان وڄي پيو ماڌو
ديپَ وانگر جلي پيو ماڌو!

ڏَنَ جي ڏُنِ ۾ مگن رهي ايڏو-
ڏُتِ نشي ۾ لڳي پيو ماڌو!

ڪير پڳوان کي پياري ٿو-
انڌ وشواس ۾ جڪي پيو ماڌو!

باهِہ اندر ۾ لڪائي پوءِ
ٻَمَ ڌماڪا ڪري پيو ماڌو!

پوش پائي سدا گناهن تي-
جاپُ سچ جو جپي پيو ماڌو!

ڪاٿُ پنهنجي وطن ۾ ٿو جو هٽي-
سو بہ رهبر بڻي پيو ماڌو!

نخرا زالن مثل ڪري ٿو،
يارن ڪي هوُ تڏهن وڻي ٿو.

ڪم کو ڦاٿو اٿس اسان ۾-
حق تي مسڪا مِٺا هڻي ٿو!

شهر ۾ وڻن ڪي ٻُولهيان ٿو،
چانورو ڪٽي ڪڏهن مِلي ٿو!

مورک ڪي ڪي سڱ ڪٽي پلا؟
تڏهن سياڻن سان گهمي ٿو!

ڪو عهدو ماڻن چاهي ٿو-
جي حضوريءَ ۾ سدا رهي ٿو!

ڏَن جي پويان ڀڪندي ڀڪندي هوُ-
سهڪي ڪُتي جيان پوي ٿو!

نرمل نرمل نيڻُ نماڻا-
’نردوش‘! ڪڪر اُتي وسي ٿو!



مهر مات جي لڳي ويئي،
نيڻ تڏهن پڻ ويا چٽي!

پاءِ نہ پئي صاف نيت،
ميريءَ سان تہ دل ٿهي وئي!

صدق سچي سان ٿهيل ڪُتيا-
هڪ جهٽڪي ۾ ڀڃي پئي!

مرڪيم ليڪن مرڪ ڦڪي،
عقل ڪٽي ڏاڍائي ڪئي!

سيرت پوڙهي، سونهن جوان
چمڙيءَ تي اک اٽڪي پئي!

’نردوش‘ ويو سونهن تي سرچي
سوُر تہ سوڪڙي ويا ڏئي!

اهڙي ڪا اڄ لڳي هوا آهي،
ڪوڙُ هرڪو چوڻ اڄ روا آهي!

گُلَ مثل مُرڪ ڪنهن ڪي هوندي-
چڻ لُپائڻ جي، سا ادا آهي!

جي وڏي واڪَ سان چون ٿا سچ-
تِنِ جو راڪو رڳو خدا آهي!

ڏاڍَ جو ناچُ آ، اُگهاڙوئي-
بي حَيائي هيءَ، جا بجا آهي!

مفت، آڪڙ ۾ آدمي اُڏڙن-
وقت جي هيءَ نئين فضا آهي!

گُل پٽڻ جي، ڪئي خطا آهي،
خارَ قاتِلَ ڏني سزا آهي!

چو طبيعت رُڪي، رڪين ٿو تون؟
رُتِ بسنتي تي، دِلرُبا آهي!

ميل ميلاپ اڄ ڪٿي ’نردوش‘؟
ماڻهو، ماڻهوءَ کان ٿيو جدا آهي!



دِلِ وارن جو جي، پيارُ ملي،
وري جيئڻ جو آڌارُ ملي!

پَلَ پِرَ جي بہ ملاقات ٿئي
راتِ سڄي دل کي قرار ملي!

نيڻن مان جي، چُڪي پياري،
سالن تائين ٿو خُمارُ ملي!

باغُ، سونهن جو، لڳي سچڻ ٿو-
ماڻڻ لئہ اُتِ ئي بهارُ ملي!

پوڳڻ بدران ماڻيون جيون-
جِيون کي ڪوئي سارُ ملي!

’نردوش‘ هلون اڳتي شايد-
يارُ سپاجهو دِلدار ملي!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڪَڪر اُپَ ۾ ڪارا ته ڏاڍا اوڻن ٿا،
۽ مينهن جا ڦوُهارا ته ڏاڍا وڻن ٿا!

هجي چنڊُ ڪيڏو به سهڻو سَهائو-
هڻن اَکِ ستارا ته ڏاڍا وڻن ٿا!

ٿي وِڄُ چمڪي، بادل به اُپ ۾ گجن ٿا،
سي، رنگين نظارا ته ڏاڍا وڻن ٿا!

جهان ۾ آ، نفرت جي ڪؤڙاڻ ڏاڍي،
هجن پيار وارا ته ڏاڍا وڻن ٿا!

ڏين دَردُ سهڻا متو ايترو جو-
هجن سُک ڪسارا ته ڏاڍا وڻن ٿا!

رُسَڻ جون ادائون سوادي لڳن ٿيون-
هِي آلوبخارا ته ڏاڍا وڻن ٿا!

نفرت جو ٻج جڙين متايون،
سِڪَ ڪي پوکي سِڪ اُپجايون!

امن اسانجو زخمي آهي-
آتت جو ڪو ملم لڳايون!

قوتِ اسانجيءَ ڪئي تباهي،
هٿ سان ٿا بارود وڇايون!

ڪاسائيءَ جو گهرَ ڪترپٽو-
اِنسانيت جا چو ڪنڌ ڪپايون؟

پنهنجي گهر جا ٿي پيا پيدي-
آتنڪ سان ڪئن هٿ اَٽڪايون؟

’نردوش‘! مري ٻُک ٿي شرافت-
پنهنجو ويڙا ديش لڄايون!



هٿ ۾ ملندو سُئي سڳو جي،
زخم بہ گَهرا سُبي سگهان ٿو!

تعصب جي بَس، باهہ ٻري ٿي-
گهر حلن جي، ڏِسي سگهان ٿو!

درد جي دنيا ۾ رهندڙ مان-
درد ٻين جا وٺي سگهان ٿو.

ظالم ڪنهن جو حق جي ڦٻائي،
آخر دم تائين لڙي سگهان ٿو!

وهم وهڪري ۾ وهندڙ جي،
نہ بچائڻ سي، وڃي سگهان ٿو!

گُل سهٽو آ هَر ٿاڙيءَ تي،
سڳند وٺان، ڪئن ڇِني سگهان ٿو؟

ڪٿي ڪنهن ڏاڍ ڪنهن سان ڪو ڪيو هوندو،
تہ ڪو ٻوڙهو سندم هو ٻل تي ڪريو هوندو!

مهڪ گلڙن جي ٿيندي چا تہ منڙي آ!
حسينن سَنگُ ڦولن جو ڪيو هوندو!

گهڙيءَ پَلِ ڪيڏو سوچي آدمي ٿو اڄ-
يقينن سوچ ڪي پِي ٿڪ ٿيو هوندو!

لڳي جيون ٿو دلڪش، چا تہ پيارو ٿو!
مگر ڪوڪو ئي سو، ماڻ سڪيو هوندو!

لڪي چورائي دل جو چئن چاهت ٿي،
تڏهن دل ڪُنڊ ۾ ويهي رُنو هوندو!

مليل چورن سان چوڪيدار پڪ هوندو-
تڏهن ئي بئنڪ ڪي ڏاڙو لڳو هوندو!

سچو چهرو، نئين چهري پنيان آهي،
سچو چهرو نہ ڪنهن ڪٿ پي ڏٺو هوندو!

پڄي هڏُ گُڏُ پيو ’نردوش‘! ماڻهوءَ جو،
اُصولن جي حيل تان پڪ ڪريو هوندو!



هاڻ هر ڪوئي نقاب پائي ٿو،
چهرو پنهنجو سچو لڪائي ٿو!

ڦهر جي ورڪا ٿي وسي هرجا،
ڪير ڪنهن سان نہ آک ملائي ٿو!

وحشتون، دهشتون هلن اڄا پيِ،
قاعدو چڏي جو، پُلائي ٿو!

ماڻهو ڪورٽ ۾ سچ چوڻ چاهي،
اُف، تڏهن پِي سزا ئي پائي ٿو!

آهِہ بدمعاش حرفتي اهڙو-
هر خطا پنهنجي هوُ، چُپائي ٿو!

ناهِہ ’نردوش‘! سادگيءَ جو ڪم،
ماڻُ سادو ڪٿي نہ پائي ٿو!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

نِرڌن جا ٻالا کهڙا ڪڏهن ٻاڳ کُلن ٿا؟
زردار کي هردم ئي وڏا لاڀ ملن ٿا!

گنڌن جي، وَهِي ٻاڻيءَ، ڇا سرهاڻ ڪئي آ!
هيِ ٻاڳ انهن جا ئي، جي ڪئمپن ۾ رهن ٿا!

گرهن تي وچي ڀَهتا ڀي ٻئي ديش جا ماڻهو-
پر ارڳ اڃا چند کي هِتِ لوڪ ڏِين ٿا!

آ ڌنيءَ جي مٽي تي ٻُڳ رکي مظلوم ڪئي ڀُلَ-
اڄ سچ کي هر ڀيري نوان ڏنڀ ملن ٿا!

مرکڻ کي وساري، ٿيا سڀ راضي ڪنجهڻ تي،
’نردوش‘! هي لوڪن جا عجيب ڍنگ لڳن ٿا.



books.sindhsalamat.com

ساڻُ جِنِ پنهنجو ئي ڪفن آهي،
يارَا! محفوظ سو وطن آهي.

بَدَ ڪيڻ هِتِ ضروري ڪو ناهي،
روزُ ڪِٿ ڪو نہ ڪو جشن آهي.

ماڻهو ڀٽڪائي دربدر ٿو ڪري-
اُفَ! ٿيو ٻُڇڙو ڪيڏو من آهي.

راتِ ۽ ڏينهن جِنِ ڪيو پوهيو،
بي جسو تِنِ جو ئي ڀَتَنُ آهي!

قاعدو جي ڪٽن هٿن ۾ ٿا-
تِنِ ڪري هِتِ اُجڙ هوُ تنُ آهي!

جانِ جهين گهوري مُلڪ تان خوش ٿي-
ديش جو سو، سچو رتن آهي!

بخملي جن جو ٿو بدن ڀاسي،
مير وتن جو مگر ڇو من آهي؟



www.sindhsalamat.com

آتنڪوادي آهن اهڙا،
چاڙهن چهري تي ٿا چهرا.

ملن اُنهن سان ديش دروهي،
راز ڏين ٿا تن کي گهرا،

تعصب جن جي نس ۾ آ،
اهي ڪرائين جهڳڙا جهيڙا.

بم وسقوت ڪرڻ لاءِ ٿي،
آتنڪوادي شايد جادا!

ڪن آتنڪوادي راند بمن سان،
پاڻ لاءِ ٿاهن موت جا گهيرا!

وويڪ وڪڻن ڪروڙ وٽي جي،
خواب نہ ٿيندا تن جا پورا.

خون ماڻهپي جو ڪن جيڪي
ماڻهو پڻ سي، تو مون جهڙا!

آتنڪواد جو آ انت اچي ويو-
’نردوش‘ ڏسون سپنا اهڙا.



books.sindhsalamat.com

دليري اسانجي ڏسي پل زمانو،
غمن ۾ بہ ڳايون خوشيءَ جو ترانو!

مزي ساڻ مرڪُون ٻين جي خوشيءَ لاءِ،
لٽايون ٿا پنهنجي، خوشين جو خزانو!

زمانو اسانکي ڪري ڀي ڪندو ڇا؟
اسان جي اڳيان نيٺ جُهڪندو زمانو!

تمنا گُلن جي نہ هرگز ڪئيسين،
ڪپي مرڪي جيئڻ جو ٻهانو!

ٽُڏي راهہ روزا اڳي وَڌُ، اڳي وَڌُ،
آ منزل هوءَ سامهون، اُتي آشيانو!



www.sindhsalamat.com

ڪٿي اُداسي لاهي ڇڏجي،
پاڪر ۾ خوشي آڻي ڇڏجي.

نہ حقيقت ۾ ملندو جيڪو-
سو، خواب ۾ ئي پائي ڇڏجي.

ماڻهو جيڪو ڪين وڻي ٿو-
ڪير مثل سو ڦِٽائي ڇڏجي.

جڏهن ڏسون، ڪو ڪري ادمبر،
ڏينگو تنهن جو ڏاهي ڇڏجي.

رام، رحيم ۾ فرق نہ سمجهو-
ڀَرَمُ، ڌرم جو هٽائي ڇڏجي.

سونهن اڪيلي، ڇيڙن سيئي-
لڄ غريب جي بچائي ڇڏجي.


books.sindhsalamat.com

جهولُ ڪنڊن سان ڪو ڀري تہ ڏسي،
سرءَ سان دوستي ڪري تہ ڏسي.

سَرِدُ آهن جا قيمتي موتي-
سي، وهائڻ ڪان خود، جهلي تہ ڏسي.

سچ جو پلئہ آ هوُ جهلي بيٺو-
ڪوڙو ثابت ڪو ڀي ڪري تہ ڏسي.

اڻ ٽيڪي ڪي ڪري سگهان ٿو ممڪن
روشني هوُ هٿن، جهلي تہ ڏسي.

سرڳ ڌرتيءَ تي آڻي ما ٿو سگهان
ديش ڀهرين تہ ڪو گهڙي تہ ڏسي!

ڪوئي ’نردوش‘ جا غزل پڙهي-
ڪوتا سنگره هٿ ۾ جهلي تہ ڏسي!


www.sindhsalamat.com

وڏي ڪين جڳ جي ڪائي بات مون کي،
بڻايو آ لاچارُ حالات مون کي!

ڪريان ٿو بغاوت ڏسي ظلم چوڌر-
وڏي ظلم جي ڪين ٿي ذاتِ مون کي!

لڳي چورُ پيارو ۽ هرگز نہ ظالم
الا! گوڙ شهرن جو آ بور ڪندڙ-

ڏِئي لُطف پنڇين جي ٿي لاتِ مون کي!
ملي جي تن جي سدا شل، ملاقات مون کي!

غمن کان ڊِڄِن چوٿا ’نردوش‘ ماڻهو؟
ڏين غم ئي خوشين جي سوغاتِ مون کي!



چا تہ فضا ۾ آهِہ تناءُ!
نس نس ۾ آ گهرو گهاءُ!

نفرت جو ٻج وڻ ٿي پيو-
پياءُ بہ ڪونہ رهيو آ پياءُ!

ڌرم، مذهب بناوت ساري-
تعصب جو سر ۾ سوداءُ!

جيون جو هر موڙ لڳي ٿو-
دهشت، خطرو ۽ ڌهڪاءُ!

ٿڙندي ڪئن من جي مڪڙي؟
دل جي چمن ۾ خزان جو واءُ!

وحشي وحشي نظر نظر آ-
چا تہ وڌي ويو آهِہ وڌاءُ!

دريوڌن جي چوپڙ راند-
جيتيندو پڪ، ڪوڙو داءُ!

سَرَءُ نہ قائم آ ’نردوشَ‘!
هوا ۾ ايندو، نيٺ هڳاءُ!

پنهنجي سر تي پڌل ڪفن آهي،
هاڻي محفوظ هي وطن آهي!

جشن ۾ محفلون اوهان جي لاءِ،
پاڻ وٽ بُک جو پچن آهي!

بربتن ۾ تو مفت پتڪائي-
ڪيترو بيوقوف من آهي!

رات ڏينهن جن ڪيو پورهيو-
بي جسو تن جو ئي يتن آهي!

جانِ جنهن گهوڙي ملڪ تان خوش ٿي-
تنهنجو رَتَ ۾ رنگيل بدن آهي!

گندَ جا ٽوڪرا پريل من ۾،
قوُل مالهائون سارو تَنُ آهي!

ڪونه نردوش! تون سکين سگهندي،
قاعدي ڪي پيچڻ به فَنُ آهي!





تلاش وقت جي، ڪندي ڪندي-
خود پڌل ٿي ويا گذري شايد

ياد پرينءَ جي جڏهن اچي ٿي،
ننڊ ڦٽي ٿي مِنڙي شايد

مضبوط پڌي پنڌن ۾ جا-
ڏاڳي جي آ ٽڪڙي شايد

قولن تي ڪِرن ماڪَ ڦُڙا تا
روپُ تڏهن ويو نکڙي شايد

لُڏي لمي ٿي، ڪين بُڏي ٿي
سچ جي آ هيءَ مڪڙي شايد

وک وک تي ڏِسُ تجربا نوان
ترقي تڏهن ٿي تکڙي شايد

ڪين پڙهياسين روح جا سبق
جڳ جا خدا ويا بگڙي شايد

سچ سچ آ سڀ ’نردوشَ‘ چيو
ڪوڙا ڪکر ويا وکڙي شايد

ماڙهپي جو ڪو مرم سڃاڻون،
پرجاوادي روحُ ٻڌايون!

ڪترپڻي جي ڪاتي ڦهري-
ساگر جي ڪن ۾ اُڇلايون!

ماکي جان مُرڪ لڳي منڙي-
اڇو تہ اُن کي چپن لڳايون!

ڪين وٽن ٿا جنگ جا ڪڪر-
مُلڪ جي هوا کي ريجهايون!

نيٺ تہ ڏاڍا، رَبَ کان ڊڄندا-
دِلِ ۾ تِنِ جي پيارُ جڳايون.

ٻُڌُ پڳوان تہ اڄ بہ چوي ٿو-
پيار سان ڌرتي، سُرڳ ٻڻايون!

رت پئن جي، راڪاس اُهي-
اَڄُ، تن کي انسان ٻڻايون!


books.sindhsalamat.com

ڪَٿِ نہ پيار جو موُل سڄڻ،
طعنو اِهو آ، اَنمول سڄڻ!

کولُ ڪٿي اڄ دل جو رازُ،
ڳالهہ نہ ڪر ائن گولُ سڄڻ!

مرڪڻ جي مؤسم آئي،
چِڏ نہ وساري قوؤل سڄڻ.

گُلَ ميڙيندي پرجي ويو-
ڪنڊن سان ئي جهول سڄڻ!

پريت نِسوري ترڪڻ آ-
رهندو ڪين اَڏول سڄڻ؟

’نردوشَ‘ وهايو، جيڪو هِڪُ،
لڙڪ بہ سو، انمول سڄڻ.


www.sindhsalamat.com

سنڌي هرجا پيو ٿو سڏجان-
آ، اٿر سو، اَمڙ جي لوليءَ جو!

سنڌيت ٿا سنڌي، لِڪائن ڇو؟
ڏِسُ، حشر هاڻ، پنهنجي ٻوليءَ جو!

سلسلا جامُ هليا وسڦوٽڪ،
روز ڀاسي ٿو ڏڻ تہ هوليءَ جو!

ڀر جي ڪنڊن سان آ، ويئي ساري-
ڏوهہ ڪهڙو ڀلا آ، جهوليءَ جو؟

ڌرم جا ٿا ڏين فقط هوڪا-
ماڻهپو آ، نہ تن جي ٽوليءَ ۾!

آهِہ 'نردوشَ' کان خطا ٿي ڪا-
رنگُ ڳاڙهو ڇو آ، ٽنوليءَ جو؟


books.sindhsalamat.com

قدم سان قدم کي مِلائي هلون،
سدا ڀائيچارو، وڌائي هلون.

لڳي لوڪ راڄ ٿو جهان ۾ عجيب،
اِها ڳالهہ سڀ کي ٻڌائي هلون.

جي، ڪُلفت ڏين ٿا، آ تِن لاءِ پيار،
سدا دوستيءَ کي نڀائي هلون.

رهي روپُ ٿو ڪالڪا جو پڻ،
اڇو دشمنن کي ٻڌائي هلون.

سدائين وڪاسُ پَٽُ اسان جو رهيو-
اِهو گيت ترقيءَ جو ڳائي هلون.

وطن لاءِ حاضر اسان سَرُ رکون،
سا، چاهت اندر ۾ جڳائي هلون!


www.sindhsalamat.com

اک هئين تو ستارن کي،
سا، خبر پهتي نظارن کي!

گُلُ چني سونهن ماڻي چوريءَ تو-
ڪيڏو شرمايو داغ دارن کي!

شاعريءَ ۾ بهارَ جان جوڀن،
آهہ شاباس تو، مون پارن کي!

سچ ڪان روشني پِني، آ ڪيو،
چڻ لڳي، روشني منارن کي!

ڏِسُ ٻُڏڻ ڪان بچي ويا ماڻهو-
دادُ ڏي ڪَڪَ جي سهارن کي!

پيار جي هڪ گهڙيءَ جياريو آ،
سانڍيو سيني، قرب وارن کي!

مهڪ ايندي جڏهن بہ مٽيءَ مان-
تون ڏِسج پوءِ ميهَن وَسارن کي!



books.sindhsalamat.com

خار مان پڻ اچڻ لڳي خوشبوُ،
ڪيڏي مون کي وئي وٺي خوشبوُ!

گُلَ کي جوڙي ڏِسو خيال سان جي-
پاڻ ايندي ملڻ ڪهي خوشبوُ!

پيار سان ناتو، آهہ جنِ جوڙيو-
گهر اُنهن جي وڃي رهي خوشبوُ!

آهِہ خوشبو وٺي گهٽو مون کي-
سونهن شايد بڻي پئي خوشبوُ!

پاڻ کي ئي لڳان تو مان پاڳل-
مون هٿن ۾ ڪٽي جهلي خوشبوُ!

ٻَل تہ ’نردوشَ‘ ! ڪنهن جهليو قابو-
آ، اُڏامي هوا بڻي خوشبوُ!



www.sindhsalamat.com

مان، پر ڪتيل پرندو آهيان،
تعجب ٿم، ڪئن اُڏندو آهيان؟

سانڍيو مون سوز کي سيني ۾،
سازَ مثل ڇڻ وڇندو آهيان!

روح جي راحت پائڻ خاطر،
عيش جي رڻ ۾ رُلندو آهيان!

پاپ ۽ پُنّ ۾ فرق نہ پانيان
من جي موّج ۾ رهندو آهيان!

دوُر گهڻي آ منزل پنهنجي
تڏهن بہ هلندو رهندو آهيان

ڪيڏا هت رنگين نظارا
پوئنئڙن جان ئي پسندو آهيان

جيون هڪ ڪتراڳ لڳي ٿو،
تڏهن بہ تنهن کي جيئندو آهيان

غم، ’نردوش‘ آ، خوراڪ مثل،
خوش ٿي کائي وڻندو آهيان!



پوُرُ وٹن مان خوُب ڇٹي پيو،
نور، بهار جو ئي تہ وسي پيو!

آهہ حسن جي ڦوهہ جواني،
مُند جو ميوو هاڻ وٹي پيو!

باغن ۾ پوئنڙن جي گونجارَ-
سُرَ سنگيت جو، سازُ وڄي پيو!

صبح جي هير آ ڇا تہ مٺي!
اُن جو ڇهاءُ، جادو ڪري پيو!

جيسين آهي ’نردوش‘ بهار-
سونهن سڳند جو سُواس هلي پيو!

جيون جو طيءِ سفر ڪريون ٿا
طوفان مثل اثر ڪريون ٿا!

ڪوُڙ تي چانديءَ چمڪي تي اڄ-
ڇا ته سچ جو هت حشر ڪريون ٿا!

وَهيِ وڃايون خام خيالن ۾-
ساڻ نه بهتر وڪر ڪريون ٿا!

مشاعرو اڄ ٿيڻو آهي-
هن، هُن کي صدر ڪريون ٿا!

اُٿلي پُٿلي لهرون هلن ٿيون
ائن ئي حياتي بسر ڪريون ٿا!

وهُه به پيئڻ جا عادي آهيون-
نردوش! پاڻ کي امر ڪريون ٿا!



ٻڏندڙ ٻيڙي تارڻ خاطر-
پنهنجي ٻيڙي ٻُڏڻ لڳي آ!

حسن ٿو پياري پيارُ اَسان کي-
اَمِتِ پياسَ ڪجهه ٻجهڻ لڳي آ!

جسم ته ڪيا ڪيڏا نه جاوا!
آتما به هاڻ گهٽڻ لڳي آ!

مَنَ ۾ سندس ميراڻ آهي،
گورو تن چو ڏوئڻ لڳي آ؟

آئي خزان جي مؤسم آئي-
ڳائڻ ۾ ڪوئل مُنجهڻ لڳي آ!

وشواسُ گهات جو سوچيندي ئي-
دل ته اسانجي سُسڻ لڳي آ!

چاڻ ته آيو زِلزلو ڪوئي-
’نردوش!‘ سوُنهن لِڪڻ لڳي آ!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

مُرڪڻ جا واپار ڏسون،
پُڻ پُڻ ۾ اِظهار ڏسون.

ڏوهہ نئون هڪ روز ٿئي،
قاتل ٿا زردار ڏسون!

وڏيون پڳون جيڪي، تن جا،
ٿيندا ٿا سنڪار ڏسون!

چيڻُ وچن جي چورائي،
سپني ۾ سي، يارَ ڏسون!

ڏيئي ٺڪجن ڪينَ ڪڏهن،
اهڙا پڻ داتار ڏسون!

’نردوش‘! ڇڏ آڪڙ ڪي،
پائي جيڪر پيارَ ڏسون.


books.sindhsalamat.com

ڪوڏ سمنڊ تان ميٺڙي وينو،
ائين ڪندي ڪجهہ سوچي وينو!

پاڻ کي مشهور ڪرڻ لاءِ ئي-
وَر وَر اِشتهار ڏئي وينو!

يارُ ڏِسو ٿو پائي پاڪيون،
فرمائش آ وڏي، سوچي وينو!

ڦِرڻيءَ وانگر ڏِسو ڦري وينو،
ڪيڏو نہ آ مَنُ ٿيندو چنچل!

محب اسان جو، پر تو آهي،
وَٽيِس ’نردوشَ‘! ڇئي وينو!


www.sindhsalamat.com

بھارون چو مونسان نگاھون ملائن،
اچي پنھنجو چو مون کي جلوو چو مون پسائن؟

عجب سندي خوشبوُ ڏسان ٿو مان ھر گُل ۾
اچي سي، ھوائون ھتي ٿيون لٽائن

ٿڌي ھير تن ۾ پيري تي جواني،
تڏھن ٿي فضائون اچي دل لُڀائن!

سُڳنڌي سان ياري، وئي ٿي آ منھنجي
اچي پر ۾ منھنجي، محبت جتائن.

تون ’نردوشَ!‘ وٺ اڄ انھيءَ جو مزو پيي،
کھاڻي اُھا ٿي ھِڪ گھڙيءَ جي ٻڌائن.


books.sindhsalamat.com

وري خيال آيو، چوان مان ٿو-
محب وَسُ اچي تون، نگاھن ۾!

آ مھنو ھي مارچ جو بھاري کو-
آ، رنگت اچوکي فضائن ۾!

ٽڙيا قوُل ھِت چڱ، محب ۾ ئي-
ڏسان خوبصورتي ادائن ۾.

ملي نيِھنَ جو ئي نياپو ٿو-
اِھو خود ئي پھتو، ھوائن ۾!

نھاريان ٿو جيڏان بھارون ئي
پريل سي، ڏسان بس ھوائن ۾!


www.sindhsalamat.com

ٻُڌي غريبن جا ٻُوڙها ٿو،
لڳي اُهو ڪو مست ملنگ ٿو!

رمز، راند جي ڪو سِکي وٺي-
ڪپي اُنهيءَ لئہ ڪو، اُمنگ ٿو!

ڏسي ڏيان، سان، اُپ ڏي ٿو-
چا تہ مَٺي اُهو رنگ ٿو!

لٿو ٿرين مان آ، هاڻ ئي شايد-
پنهنجا ڏِسو هو، ٻُڌي ننگ ٿو!

چانڊوڪي هيءَ ڏس رات آهي،
گُهمي ڦِري جهنگ ۽ جهڙ ٿو!

ڪير نہ مونکي لُٽي سگهي هاڻ-
اهڙا سکي هوُ اڄ ونگ ٿو!



books.sindhsalamat.com

ڪري وٺ ڪري وَٺُ محبت جون ڳالهيون،
بڻي سي، پون بس غنيمت جون ڳالهيون!

ڏئي مُرڪ منڙي چڪي پاڻ ڏي آڻي-
اَسان کي لُپائن چو حسرت جون ڳالهيون!

جڏهن پاڻ ۾ دوسَت، گڏجون ڪٿي پيي-
سدائين ٿا ڪيون سڀ صداقت جون ڳالهيون!

زمانو هي بدليو، لڪي ڪئن فريب ڪو-
لڳن هاڻ مشڪل ملاوت جون ڳالهيون!

دغا سان اڳي هوُ لُٽي جو ويو آ-
چڏي ڏي تون نردوش! عداوت جون ڳالهيون!



www.sindhsalamat.com

ور ور ڪوڙ هوُ جي، چوندو رهندو،
نيٺ تہ هڪ ڏينهن، سچُ تي پوندو!

رهن حقيقت ڪان جيڪي دور-
خواب تہ تن جا خواب ئي رهندا.

تاج محل جان عاليشان محل
جڳ ۾ عجايب نہ اهڙا ٺهندا!

ڏيري ڏيري جُٽائن همٿ-
هاڻ نہ ڪُڙمي ظلم کو سهندا.

سدا رهي من جي موّج اگر جي-
قول خوشيءَ جا پاڻَ، ٽڙي پوندا.

طوفان مثل مهراڻ متَلُ، ترندا-
گهيڙ ۾ جيڪي پِي گِهڙي پوندا.



ساهہ سچو ئي آهہ سچڻ ۾،
شڪر ڪريان جو، آيو اَڱڻ ۾!

سونهن نهاري، ڇُهي بدن تي،
لطف عجب آ سنگ ڪرڻ ۾!

قرب اسان جو صاف ۽ سٿرو-
آهہ مزو پر، پاڻَ پَهَڻ ۾!

مون ۾ قدرت آهِ سَمائي،
موج تڏهن تي اچي جيئڻ ۾!

ڇڏ سياهُ هي نانگن وارو-
ناهِہ مزو کو زهر رکڻ ۾!

ڏيندو رهہ بس داتا بڻجي،
مزو گهڻو آ، فقط ڏيڻ ۾!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

کنهن سان نہ ڪائي بہ شڪايت آ،
جو، پريوءَ جي سا، عنايت آ.

جيپون ٿا فقط نانءُ پڳوان جو-
ءَ چون ٿا سا بہ هڪ عبادت آ!

رهون اصل ڪان ٿا پريم ڪانڪي-
چوجو، پيارَ پري هيءَ قدرت آ!

رهان سدائين قرب ۾ قابوُ-
ملي جدا نہ ٿجي، سا، حسرت آ!

نيڻ ملائي، وري جهڪائڻ
اکين جي اهائي شرارت آ!

مذهب خيال ڪان، ڪٿر تہ ناهيون،
مندر، مسجد جي وڏي تجارت آ!



ڪانون جي اچ محفل آهي،
ڪان ڪان ڪيڏي نہ مٿل آهي!

شينهن ڪئي هيءَ گجگوڙ آهي-
ڪين ڪو، گرجيو بادل آهي!

پاڳل وينو جهانجهر وڄائي-
ڪيڏي نہ ڏسو ٿي اچ ڪل آهي!

هيءُ نہ ٿڪو گوليون هڻندي-
ڏاڍو هوُ، پٿردل آهي!

سالن ڪان هُئي ننڊ ڪين ڪئي،
اک ڪَپُ ڪوڙي ڪا آهي، سُتَلَ آهي

سنڌ جو جَلُ سيتل آهي،
پاڪُ مِنو گنگا جَل آهي!

چير پير ۾ چم چم وڄندي،
وڻ تي ڪوئل به پڻي لنوندي!

اڻين ئي ڇڙندو سنگيت اگر،
دل ڀڪ گهايل ئي ٿي پوندي!

پيار ڏنو آ، پيار گهڻو ئي-
دل ته اڃايل تڏهن به رهندي!

ايڏو تي لڏي، ڇڻ ته ٻڏي تي-
ٻيڙي ساحل تي پر، رهندي!

ڪير تيلي جڏهن اُپامي-
’پوءِ جي ڏايل‘ حالت لڳندي!

اڄ نه سپاڻي جيت به ٿيندي-
اڻن هارايل بازي چوندي!

’نردوشَ‘ ڏني، جا توڪي آهي-
پوتي پاتل سر تي وڻندي!



بهارون ڇو مونسان نگاهون ملائن-
اچي پنهنجو جلوو، مون پسائن؟

عجب سندي خوشبو ڏسان مان هر گُلَ-
اچي سي، هوائون هتي ٿيون لُٽائن!

ٿڌي هير تن ۾ پري ٿي جواني-
تڏهن ئي فضائون اچي دل لپائن!

سُڳندي سان ياري، وئي آ ٿي منهنجي،
اچي ڀَر ۾ منهنجي محبت جتائن!

تون ’نردوش‘ هاڻي وٺي ڏِسُ مزو سو-
ڪهاڻي اُهي ٿيون، گهڙيءَ جي ٻڌائن!

ڪڪر ۾ نه رهندو هميشهه آ، سورج-
سدا سچ چوڻ لئه، سي همت جُتائن!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ڦوڪ سان وهم سپ اُڏائي ڇڏ
ڀُڳ نئين ۾ قدم وڌائي ڇڏ

دشمني ايڏي ڪا سٺي ناهي
دوستيءَ سان نظر ملائي ڇڏ

چنڊ پنهنجو غصو سمورو ٿي
لٺ ڪڍي پاڇي کي وهائي ڇڏ

روح رهندون تہ پڪ ٿي پائيندو
ڪَم ڪسا پنهنجا سپ لڪائي ڇڏ

تو غلط پڙهيا سبق جيڪي
سي، سيئي ڪڍي ورائي ڇڏ

ڪيڏي اوندهہ، جمع ڪئي آ، من
جوت اَندر ۾ بہ جاڳائي ڇڏ



گهنگهروءَ جان وڄي پيو ماڻهو
ديپ وانگر جلي پيو ماڻهو

ڏَن جي ڏُنَ ۾ مگن رهي ايڏو
ڏُت نشي ۾ لڳي پيو ماڻهو

ڪير پڳوان کي پياري ٿو
انڌوشواس ۾ رهي پيو ماڻهو

باهہ اندر ۾ لڪائي پيو
بَم ڌماڪا ڪري پيو ماڻهو

پوش پائي سدا گناهن تي
جاپُ سچ جو جپي پيو ماڻهو

شرم جنهن ۾ آ اڄ رهيو باقي
سو، لڪي هت، رهي پيو ماڻهو

ڪات پنهنجي وطن ۾ ٿو جو هڻي
سو بہ رهبر بڻي پيو ماڻهو

پاڻ ورسان سدا وطن ۾ مان
نيم اهڙا گهڙي پيو ماڻهو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

حُسن مغرور آدِ کان رهيو،
اڄ لڳي ڪين ڪا، هوا آهي!

شوخ ماڙهو تپن مثل ٿاندن-
تِنَ مان هرڪو ٿيو خفا آهي!

جهول ڪنڊن سان پرجي ويو آ-
گُل چنڊ پيي ته هڪ سزا آهي!

ڏات آ شاعري ملي جنهن کي-
هيءَ اَنوکي بڻي ڪلا آهي!

چو، سنائين اجايو تون ڪنهن کي؟
ماڙهو ڪوبہ، اُن ۾ خدا آهي!

آهہ ’نردوش‘ وقت ڪو پاري-
چو خُدا کان بندو، جدا آهي؟



books.sindhsalamat.com

پنهنجا ئي هِٽ مَٽي ڪٽن ٿا،
سفارش تي انعام ملن ٿا!

تون ڏِيارِ هِٽاٽِ، مان هُٽِ ڏياريان،
قافلا ته اڄ ائين هلن ٿا!

ساهت، سودي بازي ڪئن ليڪيون پلا؟
ڏي وٺ جڳ جو، دستوُر چون ٿا!

وهنوار اِهو شايد سنو آهي-
اِن شناس تي سڀ خوش لڳن ٿا!

ملڪ سچو آ اِن ماحول ۾-
مَليِنِ من جا مور سونهن ٿا!

سچ جو سفر ته ڪٺيو ڏکيو-
’نردوشَ‘ راهي ته بہ هلن ٿا!



www.sindhsalamat.com

رام رتا، رانوُ پرچي پيا،
هنومان سڀ هيٺا ٿي پيا!

روح رڙ، واڪا واڪا-
ڏهن دشائن ۾ گوُنجي پيا!

’مان مان‘ جي رت ٿي ٻڏجي،
ٻيو ڪجهہ ٻوليو، سڀ ورچي پيا!

آخر سوُر سِليون بہ ڪنهن سان؟
سوُر سٽندڙ ئي سڏڪي پيا!

نيتا ڪرسيءَ لاءِ لڙي پيا-
واتا ملندي ئي سرچي پيا!

ڏوهہ جن وڏا ڪيا، ڇُٽي ويا-
ننڍڙا ڏوهہ ڪندڙ ڦاسي پيا!

ٻيا هڙ ئي اوتار ٻڇي ويا-
ووٽ ڪٽي ٻڳوان ٻٽي پيا!

اَنيوُ هي ’نردوش‘ مليو آ-
سچ ٻوليم، سڀ ٻگڙي پيا!



وڏي ڪين جڳ جي ڪائي بات مونکي-
ٻڌايو آ لاچار، حالات مونکي!

ڪريان ٿو بغاوت ڏسي ظلم چوڌر-
وڏي ظلم جي ڪين ٿي ذات مونکي!

لڳي چور پيارو ۽ هرگز نہ ظالم-
چوي ائن ٿي شايد، اچي رات مونکي!

الا گوڙ شهرن جو آ، بور ڪندڙ-
ڏئي لطف، ڳوٺن جي لات مونکي!

جي، سچا ماڻهو نہ ڇل ول مان ڇاڻن،
ملي تن جي سدا شل، ملاقات مونکي!

غمن ڪان ڌهن ڇوٿا نردوش! ماڻهو؟
ڏين غم ئي خوشين جي سوغات مونکي!

چنڊ تنھنجو چنڊ بدن آھي صنم!
روپ، جوڀن، چانڊني آھي صنم!

گلستان تون سونھن جو ڀاسين سدا
انگ ھرڪو گل سڳنڌي آھي صنم!

آھہ جادو ڪو، نگاھن ۾ تنھنجي-
انڪري ٿي دوستي آھي صنم!

حُسن تنھنجو، عشق منھنجو باوفا-
پيار پنھنجو بندگي آھي صنم!

تون ڇُھين چنڊ ھير بہ بسنتي ٿي ڇُھي-
ياد تنھنجي روشني آھي صنم!

جام ساقي! پيار جو، بس پيار تون-
ٿي چرِي اڄ عاشقي آھي صنم!

پياس ٿيندي آ، اَڌوري پيار جي،
ڪجھہ گھڙيون زندگي آھي صنم!

پاڻ وٽ قابو ڪري رک ’نردوش‘ کي-
سڪ سچيءَ ۾ دلڪشي آھي صنم!



ملي نيٺ ويندو، خوشين جو خزانو-
ڏھاڙا ٻٽي ڪي غمن جو زمانو!

ھلي مند ھتڙي، بھارن جي شايد،
ڏسو ڳائي ھرڪو، اُمنگ مان ٿو گانو!

اچي ير ۾ ٿو ڳائي، ھو خوش ٿي گانو-
ھجي چونہ ڪوئي بہ پلُ بيگانو؟

سياھي غمن جي تہ مھمان آھي،
لڪل تنھن جي پويان، خوشيءَ جو ترانو!

ڪري گول يا متول ڪو گفتگو ٿو-
ھلي ڪين سگھندو ھميشھہ بھانو!

پلي ڪي غريب بہ ھجن چونہ ’نردوش‘-
ھتي ماڻن پيا ٿا سمو ھي سھانو!



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

رات سجي جي، ڏِم ڏم ڪن ٿا،
مرڪن ڪئن سي، پڇي ڏسون جي!

سپنا جن جا، نرم پشم جان-
چورائي سي، لهي ڏسون جي!

سرها سرها سواس جن جا-
سيني تن جي، لڳي ڏسون جي!

ڇم ڇم ڇم ڇيڙي ڪن ٿا،
ڇيڄ اسان پي هٽي ڏسون جو!

ٻري ٻگن ڪان ٻاهه تعصب جي-
هاڻ ته پاڻي وجهي ڏسون جي!

ٿڪجي پيئي سنڌي گهر مان-
لاٽ اُميد جي ٻٽي ڏسون جي!

تاٻُ گهٽي سان اُڀري ڏنوسين،
لهندڙ سج جان لهي ڏسون جي!

’نردوش‘ ڪيون جو، سو، وس وارا،
راهه سنڌيت جي وٺ ڏسون جي!



هو، وهم دل ۾ جو، پڳو آهي،
پيار پنهنجو تڏهن لڳو آهي!

منهن تي جو، ڏئي نَفي جواب؟
شوم پل ئي، سو چڱو آهي!

ويندو هرگز نه صبر جو خالي-
تير جو هي، ڇُٽو آهي!

پيار بيحد هو، ڪئن سو آهه رُٺو-
رشتو مدت جو ڇڻ ٽُٽو آهي!

ڪوڙ ڳالهائي ويو سيني سامهون-
آهِه ثابت ٿيو، سٺو آهي!

آهه من جو هوُ ميرو ٿي ’نردوش‘!
ڇا ٿيو جي، انب مٺو آهي!

پيڙا من جي گلابي مکڙي آ،
باغ دل ۾ سين ڪان سهٽي آ!

مون کي اهڙي ڪا ميار ڏنئہ-
تير بٽي، جگر ۾ ويني آ!

ڪوئي پنهنجي خوشين ۾ خوش ناهي-
ڪوئي پنهنجي غمن ۾ راضي آ!

خوب اوتيم منجهس خوشين جو شراب-
خالي تہ بہ دل جي پيالي آ!

ڪنهن جي خوشحالي وٺندي ڪين-
ريت تہ جڳ جي نرالي آ!

واسنائن جي آگ ۾ ’نردوش‘!
رات ڏينهن دل تہ جلندي آ!



وقت کي ڳولهيندي ڳولهيندي
خود، پل ئي ويا گذري شايد!

ياد پرينءَ جي جڏهن اچي ٿي،
ننڊ ڦٽي ٿي منڙي شايد!

طوفان اهڙو ڪو آيو آهي،
سپنا پل ۾ ويا وکڙي شايد!

مضبوط ٻڌي ٻنڌن ۾ جا-
ڌاڳي جي آ ٽُڪڙي شايد!

ڦوُلن تي ڪِرَنِ ماڪ ڦُڙا ٿا-
روپ تڏهن ويو نکڙي شايد!

لُڏي لمي ٿي، ڪين ٻڏي ٿي-
سچ جي آ هيءَ مکڙي شايد!

وک وک تي نوان تجربا-
ترقي تڏهن ٿي تکڙي شايد!

ڪين پڙهياسين روح سبق-
جڳ جا خدا ويا بگڙي شايد!

سچ سچ سڀ ’نردوش‘ چيو،
ڪوڙا ڪکر وياوکڙي شايد!



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪولي وينس ڪُلف اکين جو،
وارو ملندو، دل جي ٺڳ کي!

هاڻ ٻڌي پئہ پاڻ ئي نيتا-
گول گھمائي ڏس تون جڳ کي!

پبلڪ ڏاڍي تيز فهم آ-
وئي سڃاڻي جڳ جي رڳ کي!

ڏَن جي ڏُنِ ۾ آهہ مگَن هوُ-
ٿو سلام پري هرڪنهن پڳ کي!

ڪئن ڪو پڪڙبو ڪوبہ لُٽيرو؟
پوليس لڪايو آهن سڀ کي!

اُڏارُ وطن جو ڪئن ڪو ٿيندو؟
جي، رهنما ڇڏي، سچ جي دڳ کي!


books.sindhsalamat.com

ميڻ وانگر ڳري وئي آهي،
ڪئن چوان دل وئي مري آهي!

دوکو هن جو پهاڙ جان پاسيو،
دير سان پر، خبر ملي آهي،
زندگي زهر ٿي پئي آهي!

وهنوار آهہ تلسمي جڳ جو،
دير سان پر، خبر ملي آهي!

ڪوُڪ ڪوئل ڪري ٿي لام تان جا،
منڙي ڪيڏي! وئي وڻي آهي!

هاڻ گهونگهٽ مان سونهن آ، نڪتي،
دل کي بس سا، وئي ڇُهي آهي!

ڇيڳڙي ڇوڪري، ڪري نخرا-
سڀ چون ”ڪيڏي ڪيچلي آهي!“


www.sindhsalamat.com

گل ٽڙي پيو ۽ پن پن ٿو ڳالهائي،
سونهن جو چڻ بدن ٿو ڳالهائي!

نيتا کو ليڪچر ڏئي، پو لڳي-
چڻ سچو ئي وطن ٿو ڳالهائي!

لاشُ جنهن جو ڪٽي ٿي ويا سو، ڪو-
معتبر هو، ڪفن ٿو ڳالهائي!

مينڪا هٽ نچي هئي خوشي ٿي-
سو، رشي وشوا جو بَنُ ٿو ڳالهائي!

فرض سيبئي تہ پٽ ئي راس ڪيا-
رام جو هي، وچن ٿو ڳالهائي!

خوب ناٽو لٽائي روز پيو-
صاف آ، ڪارو ڌن ٿو ڳالهائي!



آ، ڏُڳ ڏُڳ جي آس اکين ۾،
ڪي سندر احساس اکين ۾!

انڌلت ڏسو، اُپي ۾ نڪتي-
رنگت جا آڀاس اکين ۾!

سڄڻ ڪهي آيو آهي گهر-
هاڻ نہ ڪي بنواس اکين ۾!

سونهن سدائين مُرڪي ويٺي،
آيا سُڳنڌي سواس اکين ۾!

وِشالتا هن جي چا چئجي؟
چڻ نيرا آڪاش اکين ۾!

پيتو ڪيڏو آهہ اکين مان-
تہ بہ ’نردوشؔ‘ آ، پياس اکين ۾!

مُهِرَ ماٺ جي لڳي ويئي-
نيڻ تڏهن پڻ ويا ڇئي!

ڀاءِ نہ ڀئي صاف نيت-
ميريءَ سان دل ٿهي ويئي!

صدق سچي سان ٿهيل ڪُٽيا-
هڪ جهٽڪي ۾ ڊهي پئي!

مرڪيم ليڪن مُرڪ اُداس-
عقل ڪٿي ڏاڍائي ڪئي!

سيرت پوڙهي، سونهَن جوان
چمڙيءَ تي اک، اَٽڪي پئي!

’نردوشَ!‘ ويو سونهن تي سرچي-
سوُر بہ سوڪڙي ويا بڻي!



نفرت جا طوفان هزارين،
يارن جا احسان هزارين!

چالاڪ بڻي ٺڳي ويو آ-
وٺن ائين نادان هزارين!

سيرت، صورت ڪن جي پياري-
هونئن آهن اِنسان هزارين!

ميزبان ٿي گهر ۾ رهي ٿو-
پل تہ هجن مهمان هزارين!

ڀڄ جيڏو ڀي ڀڄي سگهين تون-
موت جا آهن ارڪان هزارين!

’نردوش‘ هتان ويندو خالي-
ڇو پيو ٺاهي مڪان هزارين!

چا لاءِ چئين وقت نياڱو؟
ناهي تنهنجو ڪرم سياڱو!

آتنڪ-رانوڻ سامهون آهي-
رعيت - سئنا ۾ آ، سناٽو!

هاڻي سچاڻي هرڪو توڪي-
ڪر نہ اجايو ڪيل تماشو!

قسمت جي ڪا، چو، ڪاڻ ڪڍين؟
محنت جي سئيءَ ۾ وجهہ ڌاڳو!

ننڍ ۾ سدا سمهين پياسين-
تڏهن تہ سچ کي ڪين سڃاتو!

گذري ويئي ’نردوش‘ عمر-
پار پوڻ جو نہ هنر ڄاتو!



books.sindhsalamat.com

پرک لازم آ سيتا جي لاءِ-
رام کي ڇوُت ڇو آ ملي؟

ٿي مهانگائي اُپ کي ڇُهي-
ننڍ سرڪار جي اڃا نہ ٽٽي!

ڪوڙ ئي ڪوڙ گهٽو ٿا ڏسون،
شڪر ڪر سَچ زَٽيِ آ بچي!

سونهن جي مان ثنا ڇا ڪريان؟
آ، اَڇاتل گگن مان لٿي!

زخم سپ ٿا لٿي سان ڍڪجن،
عيب ڍڪجي، نہ اهڙي ڇَٽي!

ويٺي ڪائي، ڏسو ڪاڻ پيي-
گهٽجندي ڪٽندي وئي!

ٻُک سهڻ کان ڏُکي ٿي ويئي-
ديڳِ سرڪار جي نا، ٽپي!



www.sindhsalamat.com

نظر کي نظر سان مِلائي سگھون ٿا،
ڏئي پيار ڪئن پو، ڀُلائي سگھون ٿا؟

هلي ڪٿ پلي ڪو مشاعرو اُتي خود،
خوشيءَ مان غزل کي ٻڌائي سگھون ٿا.

ڪري واعدا ڇو، وساري ڇڏن ٿا-
اُنهن ساڻ ناتا نڀائي سگھون ٿا!

ڪيون بي وفائون سڄڻ ساڻ آهن،
مگر هاڻ وفائون نڀائي سگھون ٿا!

رهن پل محب پنهنجا وڃي ڪٿ اُتي پڻ-
اسان پيار پنههنجو جتائي سگھون ٿا!

لڳي جي، ته آهي ڪو دشمن اسانجو-
تڏهن ويس پنهنجو مٽائي سگھون ٿا!


books.sindhsalamat.com

هُن شڪايت نہ ڪابہ هُت ڪئي آهي،
پوءِ پوليس ڇو اچي وئي آهي؟

هوُ جي، ساگر بڻڻ ٿو چاهي تڏهن-
چالِ نديءَ جان ٻٽي وئي آهي!

هو اِرادو ٻيو ئي ڪجھہ پر ڪيئن؟
شاعري خود ٿهي وئي آهي!

ڪين ڪا بي وفائي مون کان ٿِي،
ڇو مياروِن اُها ڏئي وئي آهي!

ڇا تہ پنهنجو سياوَ نرم آ !
ڇڻ برف جان ڳري وئي آهي.

آهہ ’نردوش‘ ڪوي چون ماڻهو-
ٿي خوشي پي ٻيٽي، وئي آهي!


www.sindhsalamat.com

جڏهن ٻي جهان ۾ بهارون اچن ٿيون،
حياتيءَ ۾ ڪيڏيون خماريون اچن ٿيون!

محبت جي شاهي عمارت آ، اَڏٽي،
مزورن ساڻ گڏجي تغارون ملن ٿيون!

هلي ٿي پريد ڪا، سپاهين جي اُت ڪا-
بهادريءَ پريل ڪي هوائن اچن ٿيون!

ٿئي ٿي ڪڏهن ڪا، ڏکن جي عنايت،
ملي محب سان ئي نگاهون وچن ٿيو!

ڪي دلڪش ٻي شڪلون سدا ٿا ڏسون هت-
اُنهن ۾ ڪي سندر ادائون ملن ٿيون!

محبت جي رنگ ۾ پڇل ڪيئِين صحبتون-
ڪٽي مون ڪي ياڪر ۾ اُهيَ وچن ٿيون!


books.sindhsalamat.com

ڪٽي گهم غمن جي ڪڪر جان اُڏان مان،
مگر ڪين ڪنهن جي اڱڻ ۾ وسان مان!

چون ڪندي جان ئي تون چُپ چُپ ڪرين
ٿ
اوهين چئو، پلا ڪيئن خوشبو بڻان مان؟

ميارن جا سوُئا ٿنبي ٿي ويا سپ-
ڏيڻ موت ٿي چاهيو، ٿو سيني رکان مان!

نگاهن ۾ ٿانڊا رکي ٿا هلن جي-
نہ جگنوُ، جوالا مکي سي، مڃان مان!

ڏِسان دور ڪان سونهن، اُڇايل اکين سان،
اِها ڪاش! جيون ۾ ماڻي سگهان مان!

ٿيو ٿَڪُ گهڻو سوچَ کي آهِہ ’نردوش‘!
ڀُڳن ڪان پيو شعر گويا چوان مان!


www.sindhsalamat.com

دل ۾ چو بيزاري آ؟
شايد ماندي ياري آ!

منزل هيڏي ٿي نهاري-
هلڻ تڏهن ئي جاري آ.

پٿر دل تي چنتا جو سايو-
پٿر وهم جو پاري آ!

رشتا ازخود ٿيندا پڪا-
ممتا دل ۾ وِهاري آ!

ڏسان پيو چُپ ٿي هاڻ-
ملي نہ ڪا دلداري آ!

آئي ڏسڻ ۾ ڏُرنگي آ-
انڌلٺ، دنياداري آ!


books.sindhsalamat.com

سر سر جهونڪو لڳي هوا جو،
ٺر ٺر ڏُپٽو ائين اُڏامي!

دل جي سُپريءَ ۾ حسد ٽپي-
هاڻ چلهہ تي پئي اُپامي!

سنڌي ڏيئو گهٽو ٻريو ڇا؟
لڳي ائين چڻ اِجهو اُپامي!

سياڻ ڪنهن جي وَس ۾ ناهي-
ناڻي خاطر پيو وڪامي!

ڪيڏو گڏهہ ڪي سينگار يو تہ بہ-
وهنجي مٽيءَ ۾، ڏُڏِر اُڏامي!

ٽيڻُ عمر جو ختم ٿيڻ تي،
تَن جي وٽ تي ٽڪڙي خامي!

سيرت پاسي اڪ جو گل ٿي-
سونهن گُل ٿو هرڪو ٿامي!

’نردوش‘ ڪري هوُ، رڙيون واڪا،
اُلجهيو آخر آهي ڇا ۾؟


www.sindhsalamat.com

رانوڻ جان وناش آندو آ،
گھمنڊ گھڻن کي ڪيرايو آ!

آھہ ڪامنا حسين ڏاڍي-
در بدر اُنھيءَ ڀٽڪايو آ!

جدا پرينءَ کان ورھين کان ٿي،
ھاڻ ياد ٿي سرمايو آ!

ڀَرڪَڻ ٻن ٿي ڪيم وشواس-
ڪيڏو تڏھن پڇتايو آ!

جڏھن نراشا جيون ۾ اچي،
آشا جو در کڙڪايو آ!

درد اَچِي رب ياد ڪرائي
دوست درد کي مون ڀٽڪايو آ!



پريت نَسوُري تِرڪڻ آ،
بچي رھڻ آ، بلڪل مشڪل.

سوچيندي گُذري ويو آھي،
جيون جو ھر ھڪڙو پَلُ!

ديدارُ ڏئي جي تو دلبر،
دل جو ٿڙي پوندو ڪمل!

تنھنجي آھي ٿوھہ جواني-
ھاڻ ڪٽي چو تو گنگا جَلُ؟

جيون آھي گويا ھڪ وڻ،
ڀَنُ چاڙي پيو تو ھرھڪ ڀَلُ.

ھاڻي ھرڪوئي آ، سياڻو ھِتاِتِ-
ڪين ھلي سگھندو چَلُ وَل!